INTERNATIONAL JOURNAL OF
SOCIAL SCIENCES BULLETIN
ISSN: (E) 3007-1917 (P) 3007-1909

Volume 4, Issue 3, 2026

# ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ لوڪ ادب جو ڪردار: هڪ تحقيقي جائزو

# THE ROLE OF FOLKLORE IN CHILDREN'S LANGUAGE LEARNING: A RESEARCH STUDY

**Ms. Amber Soomro[*1], Dr. Amir Ali Shah[2], Dr. Phuloo "Sunder" Meghwar[3], Mr. Ashique Ali Jatoi[4], Ms. Bakhtawar Channa[5]**

*[*1]M.Phil. Scholar and Teaching Assistant, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan*
*[2]Associate Professor, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan*
*[3]Assistant Professor, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan*
*[4]M.Phil. Scholar and Teaching Assistant, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan*

**Corresponding Author: ***
**Ms. Amber Soomro**

**DOI:**https://doi.org/10.5281/zenodo.21260222

| Received | Accepted | Published |
|---|---|---|
| 25 January 2026 | 04 March 2026 | 21 March 2026 |

## ABSTRACT

*Language is one of the essential tools that help children communicate, express their feelings, develop thoughts, and learn about the world surrounding them. When growing up in their early years, children learn a language not only at school but also in the process of social interactions and in cultural surroundings. Herein lies the importance of folklore as an aid for developing language skills among children. This includes such forms of folklore as folktales, riddles, proverbs, lullabies, songs, and rhymes.*

*The present research is concerned with the significance of the use of folklore in the language acquisition process of children and their education. The presence of folklore ensures that children learn in a fun and exciting atmosphere, which makes them listen, speak, memorize, and communicate. Children become familiarized with new words, grammatical structures, pronunciation features, idioms, and figurative language through the usage of various stories and songs. Many examples of folklore are characterized by repetition, rhythm, rhyme, and melody, which helps memorize information and acquire new linguistic knowledge.Besides language development, there is another way in which folklore helps with child cognitive, social and emotional development. Through storytelling, children develop imaginative power and creative ability, as well as learn how to solve problems, and listening to and telling stories help children with comprehension and narrative skills. Another role that folklore plays is the connection between language and culture through folklore.Furthermore, this research highlights the importance of folklore in language education. There are various forms of folklore in Sindhi language which include fables, songs, riddles, and proverbs that can be used for educational purposes. The findings reveal that folklore should be considered not only as entertainment but also an important tool for education which would help students enhance their vocabulary, linguistic*

*abilities, culture, and social behavior. Thus, folklore can play an important role in the process of language learning.*
***Keywords**: Children's Language Learning, Folklore, Folk Literature, Language Development, Vocabulary Acquisition, Cultural Heritage, Oral Traditions, Language Skills, Cognitive Development, Sindhi Folklore.*

## 1. تعارف:Introduction

ٻولي انساني رابطي جو هڪ اهم ذريعو ۽ ذهني، سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ جو بنيادي اوزار آهي. ٻار پنهنجي ماحول، خاندان جي فردن، هم عمر ساٿين ۽ ثقافتي سرگرمين سان لاڳاپن ذريعي ٻولي حاصل ڪندا آهن. ٻولي سکڻ ۾ مدد ڏيندڙ مختلف ثقافتي وسيلن مان لوڪ ادب کي خاص اهميت حاصل آهي. لوڪ ادب ۾ روايتي ڪهاڻيون، آکاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوڪ گيت، لوليون، ڏند ڪٿائون ۽ ٻيون لوڪ ادبي صنفون شامل آهن، جيڪي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿينديون رهن ٿيون. لوڪ ادب جون اهي صورتون ٻارن کي لساني ۽ ثقافتي ڄاڻ جو مالا مال ذخيرو مهيا ڪن ٿيون، جنهن سبب اهي ٻولي سکڻ ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ انتهائي اهم وسيلا آهن.

ٻولي حاصل ڪرڻ رڳو لفظن ۽ گرامري بناوٽن جي سکيا جو نالو نه آهي، پر اهو اهڙو عمل آهي، جنهن ذريعي ٻار مؤثر نموني ڳالهائڻ، سماجي اصولن کي سمجهڻ ۽ ذهني صلاحيتن کي وڌائڻ سکندا آهن. محققن جو خيال آهي ته ٻار تڏهن وڌيڪ اثرائتي نموني ٻولي سکندا آهن، جڏهن کين معنيٰ خيز ۽ دلچسپ لساني تجربا حاصل ٿيندا آهن. لوڪ ادب اهڙا تجربا فراهم ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته اهو ٻولي، ثقافت، ونڊر ۽ اخلاقي قدرن کي، سماجي ماحول ۾ گڏ ڪري پيش ڪري ٿو. لوڪ ڪهاڻين ۽ روايتن سان بار بار واسطي ۾ اچڻ سبب ٻار آهستي آهستي لفظن جو ذخيرو، اچارن جا نمونا، جملي جي جوڙجڪ ۽ رابطي جون صلاحيتون حاصل ڪندا آهن (Evanson, Lakretz, & King, 2023).

تاريخي طور تي لوڪ ادب مختلف ثقافتن ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. رسمي تعليمي ادارن جي قيام کان اڳ سماج علم، قدرن، رواجن ۽ ٻوليءَ جي منتقلي لاءِ گهڻو ڪري زباني روايتن تي ڀاڙيندو هو. والدين، ڏاڏا، ڏاڏيون، نانا نانيون ۽ ٻيا بزرگ ٻارن کي ڪهاڻيون ٻڌائيندا، پروليون پڇندا ۽ لوليون ڳائيندا هئا، جيڪي نه رڳو ونڊر جو ذريعو هونديون هيون، پر ٻولي سکڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿينديون هيون. اهي زباني روايتون غير رسمي تعليمي اوزار طور ڪم ڪنديون هيون ۽ ٻارن جي ٻڌڻ، يادگيري ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن کي وڌائينديون هيون. ٻار انهن سرگرمين ۾ شرڪت ڪندي، قدرتي نموني نوان لفظ، جملي جا نمونا ۽ ثقافتي تصور سکندا هئا (Tokpayeva, Kuzembayeva, & Spulber, 2024, pp. 107–108).

لوڪ ادب جو ٻولي سکڻ ۾ هڪ اهم ڪردار لفظن جي ذخيري کي وڌائڻ آهي. لوڪ ڪهاڻيون ۽ روايتي آکاڻيون ٻارن کي اهڙن ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن سان متعارف ڪرائين ٿيون، جيڪي روزمره جي گفتگوءَ ۾ گهٽ استعمال ٿيندا ٿين. قصا گوئيءَ جي ذريعي ٻار تشبيهي ٻولي، بيان جي خوبصورتي ۽ ثقافتي اهميت رکندڙ لفظن کان واقف ٿين ٿا. ورجاءُ، جيڪو لوڪ ادب جي هڪ نمايان خصوصيت آهي، لفظن کي ياد رکڻ ۽ سکڻ جي عمل کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته، ڪهاڻي ٻڌائڻ واريون سرگرميون ٻارن جي لفظن جي سکيا، سمجهه ۽ بيان ڪرڻ جي صلاحيتن کي نمايان طور بهتر بڻائين ٿيون.(Rohmat, 2024, pp. 130–145)

لوڪ ادب جو هڪ ٻيو اهم پاسو ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن جي ترقي آهي. لوڪ ڪهاڻيون ٻارن کي ڌيان سان ٻڌڻ، مطلب سمجهڻ ۽ مناسب جواب ڏيڻ جي ترغيب ڏين ٿيون. قصا گوئيءَ دوران ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ۽ ٻڌندڙن جي وچ ۾ رابطي جو عمل جاري رهندو آهي، جنهن ذريعي ٻار سوال پڇندا، ڪهاڻيون ٻيهر بيان ڪندا ۽ پنهنجا خيال پيش ڪندا آهن. اهڙيون سرگرميون زباني رواني ۽ رابطي جي مهارتن کي وڌائين ٿيون. ان کان علاوه پروليون ۽ قافيي وارا لوڪ نظم ٻارن جي تجسس کي وڌائيندا آهن ۽ کين سرگرم بڻائي، ڪچهريءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ آماده ڪندا آهن، جنهن سان سندن لساني ۽ تنقيدي سوچ جون صلاحيتون مضبوط ٿينديون آهن.(Habibullayevna, 2023, p. 83)

لوڪ ادب صوتياتي ترقيءَ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿئي ٿو. لوليون، ٻاراڻا نظم ۽ لوڪ گيت اهڙن آوازن، ردمن ۽ قافين تي ٻڌل هوندا آهن، جيڪي ٻارن کي لفظن جي اچارن ۽ آوازن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انهن زباني ادبي صورتن سان واسطو رکڻ سبب ٻارن ۾ صوتياتي شعور پيدا ٿئي ٿو، جيڪو پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيتن جي بنياد طور ڪم ڪري ٿو. ردم ۽ موسيقيت واري ٻولي ٻارن لاءِ لفظن ۽ جملن کي ياد رکڻ آسان بڻائي ٿي، جنهن سان ٻولي سکڻ جو عمل تيز ٿئي ٿو.(Nhung, 2016, pp. 23–25)

لساني ترقيءَ کان علاو□ لوڪ ادب ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. لوڪ ڪهاڻين ۾ اڪثر مسئلا حل ڪرڻ، اخلاقي فيصلا ڪرڻ ۽ تخيل تي ٻڌل حالتون شامل هونديون آهن، جيڪي ٻارن جي تنقيدي سوچ ۽ تخليقي صلاحيتن کي وڌائين ٿيون. جڏهن ٻار ڪهاڻين ۽ پرولين سان لاڳاپو رکن ٿا، ته اهي اڳڪٿي ڪرڻ، مطلب

ڪڍڻ ۽ سبب ۽ نتيجي جي لاڳاپن کي سمجهڻ سڪندا آهن. اهي ذهني عمل ٻوليءَ جي ترقيءَ سان ويجهو لاڳاپيل آهن، ڇاڪاڻ ته اهي ٻارن کي معلومات کي ترتيب ڏيڻ ۽ مؤثر نموني بيان ڪرڻ جي قابل بڻائين ٿا (Rohmat, 2024, p. 138).

ثقافتي ورثي جي منتقلي پڻ لوڪ ادب جو هڪ اهم ڪم آهي. ٻولي ۽ ثقافت هڪ ٻئي سان گهرا لاڳاپيل آهن، ۽ ٻار ثقافتي قدرن کي ٻوليءَ جي ذريعي سڪندا آهن. لوڪ ڪهاڻيون، چوڻيون ۽ گيت ڪنهن به سماج جي عقيدن، رواجن ۽ سماجي اصولن جي عڪاسي ڪن ٿا. لوڪ ادب سان واسطو رکڻ سبب ٻار نه رڳو ٻولي حاصل ڪندا آهن، پر پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ کي به سمجهندا آهن. اهڙي ثقافتي آگاهي رابطي جي صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ جو استعمال سماجي ۽ ثقافتي حالتن سان گهرو تعلق رکي ٿو (de Bruijn, 2019, pp. 315–317).

سنڌي سماج جي حوالي سان لوڪ ادب هميشه کان هڪ اهم تعليمي وسيلو رهيو آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، لوڪ گيت، لوليون ۽ چوڻيون لساني ۽ ثقافتي ڄاڻ جو هڪ شاهوڪار خزانو آهن. اهي روايتي صنفون خاص طور تي ڳوٺاڻي ماحول ۾ اڄ به ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. لوڪ ڪهاڻيون ٻڌڻ ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ بهرو وٺڻ سان سنڌي ٻار لفظن جو ذخيرو، محاورا ۽ رابطي جون صلاحيتون حاصل ڪندا آهن، ساڳئي وقت پنهنجي ثقافتي ورثي بابت ڄاڻ پڻ حاصل ڪندا آهن. تنهن ڪري سنڌي لوڪ ادب جو تحفظ ۽ واڌارو ٻوليءَ جي ترقي ۽ ثقافتي تسلسل ٻنهيءَ لاءِ ضروري آهي.

موجوده تعليمي ماحول ۾، ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي، شهري زندگيءَ جي واڌ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي اثر سبب لوڪ ادب جو ڪردار ڪجهه حد تائين گهٽجي ويو آهي. اڄڪلهه ڪيترائي ٻار روايتي زباني ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ اليڪٽرانڪ وندر سان وڌيڪ واسطو رکن ٿا. نتيجي طور، جديد تعليمي نظام ۾ لوڪ ادب کي ڀيهر شامل ڪرڻ جي ضرورت وڌي وئي آهي. تعليمي ماهرن ۽ محققن لوڪ ادب جي اهميت کي تسليم ڪندي، ان کي ٻولي سيکارڻ جي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي. لوڪ ادب تي ٻڌل سکيا جون سرگرميون ٻارن کي معنيٰ خيز لساني تجربا مهيا ڪري سگهن ٿيون، ۽ ساڳئي وقت ثقافتي روايتن جي تحفظ ۽ ٻارن جي مجموعي ذهني ترقيءَ کي هٿي ڏئي سگهن ٿيون (Habibullayevna, 2023, p. 84).

تنهن ڪري هي تحقيق ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۾ لوڪ ادب جي ڪردار جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪئي پئي وڃي. هن مطالعي ۾ اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته، لوڪ ادب جون مختلف صنفون ٻارن جي لفظن جي ذخيري، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن، ذهني ترقي ۽ ثقافتي شعور کي ڪيئن متاثر ڪن ٿيون. ان سان گڏ هي تحقيق جديد تعليمي عملن ۾ لوڪ ادب جي شموليت جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪندي، جيئن ٻولي سکڻ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ثقافتي ورثي جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي.

## 2. تحقيق جو مسئلو:Statement of the Problem

لوڪ ادب روايتي طور ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. اهو نه رڳو ٻارن جي لفظي ذخيري کي وڌائي ٿو، پر سندن ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ رابطي جي صلاحيتن کي به بهتر بڻائي ٿو ۽ ثقافتي قدرن جي منتقليءَ جو ذريعو پڻ بڻجي ٿو. سنڌي سماج ۾ لوڪ ادب جون مختلف صنفون، جهڙوڪ لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت، تاريخي طور ٻارن جي ٻولي حاصل ڪرڻ ۽ سکڻ جو اهم وسيلو رهيون آهن. پر تيز رفتار ٽيڪنالاجي ترقي، شهري زندگيءَ جي واڌ، بدلجندڙ سماجي روين ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي وڌندڙ اثر سبب ٻارن جو روايتي لوڪ ادب سان واسطو گهٽو گهٽجي ويو آهي.

انهيءَ صورتحال جي نتيجي ۾، ڪيترائي ٻار انهن لوڪ ادبي صنفن کان پري ٿيندا پيا وڃن، جيڪي ماضيءَ ۾ سندن لساني، ذهني ۽ ثقافتي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون هيون. جيتوڻيڪ ٻارن جي ٻولي حاصل ڪرڻ ۽ لوڪ ادب جي تعليمي اهميت بابت مختلف تحقيقون ٿي چڪيون آهن، پر سنڌي لوڪ ادب جي ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ ڪردار بابت تحقيق نسبتاً محدود آهي. هيءَ کوٽ ان ڳالهه جي ضرورت کي اجاگر ڪري ٿي ته، اهو معلوم ڪيو وڃي ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ڪيتري حد تائين مددگار آهي ۽ جديد تعليمي نظام ۾ ان جي شموليت ٻارن جي لساني صلاحيتن کي وڌائڻ سان گڏ ثقافتي ورثي جي تحفظ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

تنهن ڪري، هن تحقيق جو بنيادي مسئلو اهو آهي ته، ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۾ لوڪ ادب جي ڪردار جو جائزو ورتو وڃي ۽ اهو معلوم ڪيو وڃي ته، لوڪ ادب جون مختلف صنفون ٻارن جي لفظي ذخيري، رابطي جي صلاحيتن، ذهني واڌ ويجهه ۽ ثقافتي شعور جي ترقيءَ ۾ ڪهڙي ريت حصو وٺن ٿيون.

## 3. تحقيق جا مقصد:Research Objectives

هن تحقيق جا هيٺيان مقصد آهن:

1. ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۾ لوڪ ادب جي ڪردار جو جائزو وٺڻ.

2. لوڪ ادب جي مختلف صنفن (لوڪ ڪهاڻين، پرولين، چوڻين، لولين ۽ لوڪ گيتن) جي ٻارن جي ٻولي سکڻ تي اثرن جو مطالعو ڪرڻ.
3. اهو معلوم ڪرڻ ته، لوڪ ادب ٻارن جي لفظي ذخيريجي واڌاري ۾ ڪهڙي ريت مدد ڪري ٿو.
4. ٻارن جي ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ رابطي جي صلاحيتن جي ترقيءَ ۾ لوڪ ادب جي اهميت کي واضح ڪرڻ.
5. لوڪ ادب جي ذريعي ٻارن جي ذهني، تخليقي ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهه جو جائزو وٺڻ.
6. ٻارن ۾ ثقافتي شعور، سماجي قدرن ۽ قومي سڃاڻپ جي فروغ ۾ لوڪ ادب جي ڪردار کي سمجهڻ.
7. سنڌي لوڪ ادب جي تعليمي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان جي تحفظ جي ضرورت تي روشني وجهڻ.
8. جديد تعليمي نظام ۾ لوڪ ادب جي شموليت جي امڪانن ۽ فائدن جو جائزو وٺڻ.
9. ٻولي سکيا جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ لوڪ ادب جي استعمال بابت سفارشون پيش ڪرڻ.

## 4. تحقيق جي اهميت:Research Significance

هي مطالعو ان ڪري اهميت رکي ٿو، جو اهو ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۽ سندن لساني ترقيءَ ۾ لوڪ ادب جي ڪردار کي اجاگر ڪري ٿو. ٻولي انساني رابطي جو بنيادي ذريعو آهي ۽ ٻار مختلف سماجي ۽ ثقافتي لاڳاپن ذريعي لساني صلاحيتون حاصل ڪندا آهن. لوڪ ادب، جيڪو ثقافتي ورثي جو هڪ اهم حصو آهي، ٻارن کي ٻولي سکڻ لاءِ هڪ فطري، دلچسپ ۽ اثرائتو ماحول فراهم ڪري ٿو. هي تحقيق لوڪ ڪهاڻين، پرولين، چوڻين، لولين ۽ لوڪ گيتن جي ذريعي ٻارن جي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ٿيندڙ ڪردار کي واضح ڪندي ۽ لوڪ ادب جي تعليمي اهميت کي اجاگر ڪندي.

هن تحقيق جا نتيجا استادن، نصاب تيار ڪندڙن، محققن ۽ والدين لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا. هي مطالعو ان ڳالهه بابت ڄاڻ فراهم ڪندو ته، لوڪ ادب کي هڪ مؤثر تدريسي وسيلي طور استعمال ڪري ٻارن جي لفظي ذخيري، ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ان سان گڏ هي تحقيق سنڌي لوڪ ادب ۽ ٻارن جي ٻولي سکڻ جي لاڳاپي بابت موجود محدود علمي مواد ۾ پڻ اهم واڌارو آڻيندي.

ان کان علاوه، هي مطالعو سنڌي لوڪ ادب جي تحفظ، واڌاري ۽ فروغ جي اهميت تي زور ڏيندو، ڇاڪاڻ ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ گلوبلائيزيشن جي دور ۾ روايتي زباني ادب آهستي آهستي نوجوان نسل کان پري ٿيندو پيو وڃي. تنهن ڪري هي تحقيق تعليمي ماهرن ۽ پاليسي سازن کي لوڪ ادب کي تعليمي عمل جو حصو بڻائڻ لاءِ همٿائيندي، جيئن ٻولي سکڻ جي عمل کي وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي ۽ ثقافتي سڃاڻپ ۽ ورثي جو تحفظ به ممڪن ٿي سگهي.

مجموعي طور، هي تحقيق تعليمي ۽ ثقافتي ٻنهي شعبن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. ڇاڪاڻ ته، اهو ثابت ڪندي ته، لوڪ ادب ٻارن جي لساني ترقي، ذهني واڌ ويجهه ۽ ثقافتي شعور کي وڌائڻ لاءِ هڪ مؤثر ۽ ڪارائتو وسيلو آهي.

## 5. تحقيق جا سوال: Research Questions

هي تحقيق هيٺين سوالن جا جواب تلاشي ٿي؛

1. ٻارن کي ٻولي سيکارڻ ۾ لوڪ ادب ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو؟
2. لوڪ ادب جون مختلف صنفون (لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت) ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ ڪيئن مددگار ثابت ٿين ٿيون؟
3. لوڪ ادب ٻارن جي لفظي ذخيريجي واڌاري ۾ ڪهڙي ريت مدد ڪري ٿو؟
4. ٻارن جي ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ رابطي جي صلاحيتن جي ترقيءَ ۾ لوڪ ادب جو ڪهڙو ڪردار آهي؟
5. لوڪ ادب ٻارن جي ذهني، تخليقي ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهه تي ڪهڙو اثر وجهي ٿو؟
6. لوڪ ادب ٻارن ۾ ثقافتي شعور، سماجي قدرن ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي ڪيئن فروغ ڏئي ٿو؟
7. سنڌي لوڪ ادب کي جديد تعليمي نظام ۾ شامل ڪرڻ سان ٻارن جي ٻولي سکڻ جي عمل تي ڪهڙا اثر پئجي سگهن ٿا؟
8. جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي دور ۾ لوڪ ادب جي اهميت ۽ افاديت کي ڪيئن برقرار رکي سگهجي ٿو؟
9. ٻارن جي ٻولي سکيا کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ لوڪ ادب جي استعمال بابت ڪهڙيون حڪمت عمليون اختيار ڪري سگهجن ٿيون؟

## 6. مفروضا:Hypotheses

### 6.1. بنيادي مفروضو؛

لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکڻ جي عمل ۾ مثبت ۽ مؤثر ڪردار ادا ڪري ٿو.

### 6.2. ذيلي مفروضا:

1. لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت ٻارن جي لفظي ذخيري ۾ واڌارو آڻين ٿا.
2. لوڪ ادب ٻارن جي ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ رابطي جي صلاحيتن کي بهتر بڻائي ٿو.
3. لوڪ ادب ٻارن جي ذهني، تخليقي ۽ تنقيدي سوچ جي ترقيءَ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.
4. لوڪ ادب ٻارن ۾ ثقافتي شعور، اخلاقي قدرن ۽ سماجي سڃاڻپ کي فروغ ڏئي ٿو.
5. لوڪ ادب سان باقاعده واسطو رکندڙ ٻار ٻولي سکڻ ۾ انهن ٻارن جي ڀيٽ ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکارين ٿا، جيڪي لوڪ ادب کان گهٽ واقف آهن.
6. جديد تعليمي نظام ۾ لوڪ ادب جي شموليت ٻارن جي ٻولي سکيا کي وڌيڪ مؤثر ۽ دلچسپ بڻائي ٿي.

### 6.3. ٻُڙي مفروضو

لوڪ ادب جو ٻارن جي ٻولي سکڻ، لفظي ذخيري، رابطي جي صلاحيتن، ذهني ترقي ۽ ثقافتي شعور تي ڪو به نمايان اثر نه ٿو پوي.

## 7. اڳ ۾ ٿيل تحقيقتي هڪ نظر:Literature Review

ٻارن جي ٻولي حاصل ڪرڻ (Language Acquisition) تي لسانيات، نفسي لسانيات، تعليم ۽ سماجي-ثقافتي مطالعي جي شعبن ۾ تفصيلي تحقيق ڪئي وئي آهي. ماهرن جو عام اتفاق آهي ته، ٻار ٻولي تڏهن بهتر سکندا آهن جڏهن کين بامعنيٰ رابطي، سماجي ماحول تي ٻڌل سکيا ۽ ثقافتي طور جڙيل تعليمي تجربا حاصل ٿين ٿا (Lightbown & Spada, 2013, p. 23).انهيءَ حوالي سان لوڪ ادب هڪ اهڙو طاقتور تدريسي ۽ ثقافتي وسيلو طور سامهون آيو آهي، جيڪو ٻولي ۽ ذهني ترقي ٻنهي کي هٿي ڏئي ٿو.

لوڪ ادب مان مراد ڪنهن سماج جون روايتي زباني ۽ لکيل اظهار جون صورتون آهن، جن ۾ لوڪ ڪهاڻيون، ڏند ڪٿائون، افسانا، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت شامل آهن. اهي صرف ثقافتي ورثو نه آهن، پر اهڙا لساني اوزار پڻ آهن جيڪي ٻارن کي شاهوڪار ٻوليءَ جو مواد فراهم ڪن ٿا. ڪيمرون (Cameron, 2001, p. 12)مطابق ڪهاڻي ٻڌائڻ اهڙو فطري تعليمي ماحول پيدا ڪري ٿو، جتي ٻار معنيٰ دار حالتن ۾ حقيقي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا، جنهن سان سندن سمجهه ۽ اظهار ٻنهيءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

ويگوسڪي جو سماجي-ثقافتي نظريو ٻوليءَ جي ترقيءَ کي سماجي عمل قرار ڏئي ٿو. هن مطابق ٻار ٻولي سماجي رابطي ۽ ثقافتي اوزارن ذريعي سکندا آهن .(Vygotsky, 1978, p. 86) لوڪ ادب اهڙو ثقافتي اوزار آهي جيڪو رهنمائيءَ سان سکڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو. جڏهن ٻار لوڪ ڪهاڻيون ٻڌن ٿا يا ڪهاڻي گوئيءَ ۾ حصو وٺن ٿا، ته هو گفتگو، سمجهه ۽ معنيٰ ٺاهڻ جي عمل ۾ سرگرم ٿين ٿا، جيڪو ٻولي سکڻ لاءِ انتهائي اهم آهي.

برونر (Bruner, 1983, p. 21) بيان ڪري ٿو ته، ڪهاڻي انساني سوچ جي تنظيم جو بنيادي طريقو آهي. سندس مطابق ٻار ڪهاڻين ذريعي پنهنجي تجربي کي ترتيب ڏيڻ سکندا آهن. لوڪ ڪهاڻيون پنهنجي ورجاءُ، سادي جوڙجڪ ۽ اڳڪٿي لائق نمونن سبب ٻارن کي ترتيب، سبب ۽ نتيجي، ۽ لساني هم آهنگي سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

تحقيق Isbell et al. (2004, p. 158) موجب اهي ٻار جيڪي ڪهاڻي ٻڌڻ جي سرگرمين ۾ شامل ٿين ٿا، انهن ۾ لفظي ذخيري، ٻڌڻ جي صلاحيت ۽ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي مهارت وڌيڪ بهتر ٿئي ٿي، انهن جي ڀيٽ ۾ جيڪي صرف روايتي درسي طريقي سان پڙهن ٿا.

ساڳي ريت صوتياتي شعورابتدائي ٻولي سکيا ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. گوسوامي (Goswami, 2008, p. 118)مطابق لوليون، قافيا ۽ ورجاءُ وارا گيت، ٻارن کي آوازن جي سڃاڻپ سيکارين ٿا، جيڪا پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ بنيادي مهارت آهي.

ڏکڻ ايشيائي تعليمي ماحول ۾ لوڪ ادب تاريخي طور غير رسمي تعليم جو اهم حصو رهيو آهي. روايتي سماجن ۾ وڏڙا ڪهاڻين، روايتن ۽ زباني ادب ذريعي اخلاقي قدر ۽ ٻولي سيکاريندا هئا. سنڌي ثقافت ۾ لوڪ ادب ۾ پروليون، چوڻيون ۽ لوڪ شاعري شامل آهي، جيڪا ثقافتي سڃاڻپ کي ظاهر ڪري ٿي.

پر جديديت، شهري زندگي ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي واڌ سبب لوڪ ادب جو تعليمي ڪردار گهٽجي ويو آهي. ٻار هاڻي وڌيڪ ڊجيٽل مواد ڏانهن مائل آهن. ايگن (Egan, 1986, p. 42) مطابق جيڪڏهن تعليم ۾ ڪهاڻي ۽ بيان کي نظرانداز ڪيو وڃي ته تخيل ۽ گهري سوچ گهٽجي وڃي ٿي.

جديد تحقيق مطابق لوڪ ادب کي تعليم ۾ شامل ڪرڻ سان شاگردن جي دلچسپي وڌي ٿي، سکيا وڌيڪ سرگرم ٿئي ٿي ۽ سڃاڻپ مضبوط ٿئي ٿي.(Zipes, 2012, p. 65)

## 8. نظرياتي فريم ورڪ:Theoretical Framework

هي تحقيق هيٺين چار اهم نظرين تي ٻڌل آهي:

### 8.1 سماجي-ثقافتي نظريو

ويگوسڪي جو نظريو هن تحقيق جو بنيادي بنياد آهي. سندس مطابق ذهني ترقي سماجي رابطي ۽ ثقافتي واسطن ذريعي ٿئي ٿي (Vygotsky, 1978, p. 90). Zone of Proximal Development (ZPD) مطابق ٻار تڏهن بهتر سکندا آهن جڏهن کين وڏيڪ ڄاڻ رکندڙ فرد جي مدد ملي ٿي. لوڪ ادب ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ، پروليون ۽ گيت اهڙو ماحول پيدا ڪن ٿا جتي ٻار گڏجي سکندا آهن.

### 8.2 تعميري سکيا جو نظريو

پيياجي مطابق ٻار علم پاڻ ٺاهيندا آهن، جڏهن هو پنهنجي ماحول سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا (Piaget, 1952, p. 34).لوڪ ادب ٻارن کي معنيٰ سمجهڻ، مسئلا حل ڪرڻ ۽ تخيل استعمال ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو.

### 8.3 بيان جو نظريو

برونر (Bruner, 1990, p. 77) مطابق بيان انساني سوچ جو بنيادي طريقو آهي. لوڪ ڪهاڻيون ٻارن کي ترتيب، تسلسل ۽ معنيٰ ٺاهڻ سيکارين ٿيون، جيڪو لساني مهارت لاءِ ضروري آهي.

### 8.4 لساني داخلا جو مفروضو

ڪريشن (Krashen, 1985, p. 2) مطابق ٻولي تڏهن حاصل ٿئي ٿي، جڏهن سکيا وٺندڙ کي اهڙو مواد ملي، جيڪو سندس موجودهلساني سطح کان ٿورو وڌيڪ هجي. لوڪ ادب بامعنيٰ ۽ ماحول تي ٻڌل ٻولي فراهم ڪري ٿو، جيڪا قدرتي سکيا کي آسان بڻائي ٿي.

## 9. تصوراتي فريم ورڪ(Conceptual Framework)

### 9.1 بنيادي عنصر:

- لوڪ ادب

### 9.2 نتيجي وارا عنصر:

- لفظي ذخيري جي ترقي
- ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جون صلاحيتون
- ذهني ترقي
- ثقافتي شعور

### 9.3 مددگار عنصر:

- تدريسي طريقا
- ڪلاس روم جو ماحول
- لوڪ ادب جو ورجاءُ
- شاگردن جي عمر ۽ پس منظر

هي فريم ورڪ ڏيکاري ٿو ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکڻ تي سڌو اثر وجهي ٿو، جيڪو مناسب تدريسي طريقن ۽ ماحول ذريعي وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو.

ادب جو جائزو واضح ڪري ٿو ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکڻ، ذهني ترقي ۽ ثقافتي شعور لاءِ انتهائي اهم وسيلو آهي. ويگوسڪي، پيياجي، برونر ۽ ڪريشن جا نظريا گڏجي اهو سمجهائين ٿا ته، ٻار ٻولي سماجي رابطي، ڪهاڻي ۽ بامعنيٰ مواد ذريعي سکندا آهن. جديد دور ۾ ان جي اهميت باوجود، لوڪ ادب جو استعمال گهٽجي رهيو آهي، تنهنڪري ان کي تعليم ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي.

## 10. تحقيق جو طريقيڪار Research Methodology

### 10.1 تحقيق جو ڊانچو (Research Design)

هي تحقيق هڪ وضاحتي ۽ تشريحاتيتحقيقاتي ڍانچي تي ٻڌل آهي. هن مطالعي جو مقصد اهو ڄاڻڻ آهي ته لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو. ان لاءِ اهڙو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي جيڪو موجوده حالتن، روين ۽ تعليمي عملن جو تفصيلي جائزو وٺي سگهي. ان سان گڏ هي تحقيق معياري طريقي تي ٻڌل آهي، ڇو ته لوڪ ادب، ٻولي سکيا ۽ ثقافتي عنصرن کي سمجهڻ لاءِ معنوي (interpretive) تجزيو ضروري آهي.

### 10.2 تحقيق جي آبادي(Population of the Study)

هن تحقيق جي آبادي ۾ابتدائي ۽ پرائمري اسڪول جا شاگرد، سنڌي ٻولي پڙهائيندڙ استاد ۽ لوڪ ادب سان لاڳاپيل تعليمي ماهرشامل آهن. اها آباديسنڌ جي تعليمي نظام سان تعلق رکي ٿي، جتي لوڪ ادب جو استعمال جزوي طور موجود آهي.

IEER Institute for Excellence in Education & Research

INTERNATIONAL JOURNAL OF SOCIAL SCIENCES BULLETIN
ISSN: (E) 3007-1917 (P) 3007-1909
Volume 4, Issue 3, 2026

### 10.3. نموني جي چونڊ(Sampling Technique)

هن تحقيق لاءِ مقصدي نموني چونڊ جو طريقو(Purposive Sampling Technique)استعمال ڪئي وئي آهي. يعني اهڙا فرد چونڊيا ويا آهن جيڪي لوڪ ادب ۽ ٻولي سکيا سان سڌو تعلق رکن ٿا.جهڙوڪ: 100 شاگرد، 15 استاد ۽ 10 تعليمي ماهر.

### 10.4. ڊيٽا گڏ ڪرڻ جا اوزار(Data Collection Tools)

ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺيان اوزار استعمال ڪيا ويا آهن:

#### 10.4.1. سوالنامو(Questionnaire)

شاگردن ۽ استادن کان بند ۽ کليل سوالن ذريعي معلومات حاصل ڪئي وئي. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

**بند سوال(Closed-ended Questions)**

1. ڇا توهان کي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌڻ پسند آهن؟
   - ها / نه
2. ڇا توهان جي ڪلاس ۾ لوڪ ڪهاڻيون پڙهايون يا ٻڌايون وڃن ٿيون؟
   - هميشه / ڪڏهن ڪڏهن / ڪڏهن به نه
3. ڇا لوڪ گيت ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ مددگار آهن؟
   - ها / نه
4. ڇا لوڪ ادب ذريعي نوان لفظ سکڻ ۾ آساني ٿئي ٿي؟
   - ها / نه
5. ڇا لوڪ ڪهاڻيون ٻارن جي ڳالهائڻ جي صلاحيت بهتر ڪن ٿيون؟
   - ها / نه
6. ڇا پروليون (Riddles) ٻارن جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت وڌائين ٿيون؟
   - ها / نه
7. ڇا لوڪ گيت ٻارن جي تلفظ کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ڏين ٿيون؟
   - ها / نه
8. ڇا لوڪ ادب ٻارن کي پنهنجي ثقافت سان واقف ڪرائي ٿو؟
   - ها / نه
9. ڇا توهان لوڪ چوڻيون روزمره جي گفتگو ۾ استعمال ڪندا آهيو؟
   - گهڻو / ڪڏهن ڪڏهن / نه
10. ڇا لوڪ ادب جي استعمال سان ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ دلچسپي وڌي ٿي؟
    - ها / نه
11. ڇا استاد ٻولي پڙهائڻ دوران لوڪ ادب جا مثال ڏيندا آهن؟
    - هميشه / ڪڏهن ڪڏهن / ڪڏهن به نه
12. ڇا لوڪ ادب ٻارن جي ٻڌڻ جي صلاحيت بهتر ڪري ٿو؟
    - ها / نه
13. ڇا لوڪ ڪهاڻين ۾ موجود ڪردار ٻارن جي تخيل کي وڌائين ٿا؟
    - ها / نه
14. ڇا لوڪ گيت ياد رکڻ آسان هوندا آهن؟
    - ها / نه
15. ڇا لوڪ ادب کي نصاب جو حصو بڻائڻ گهرجي؟
    - ها / نه

**کليل سوال(Open-ended Questions)**

16. توهان جي خيال ۾ لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ ڪهڙي ريت مدد ڪري ٿو؟
17. توهان ڪهڙي قسم جو لوڪ ادب (ڪهاڻيون، گيت، پروليون، چوڻيون، لوليون) وڌيڪ پسند ڪندا آهيو؟ ۽ ڇو؟
18. لوڪ ڪهاڻيون ٻڌڻ يا پڙهڻ سان توهان ڪهڙا نوان لفظ سکيا آهن؟
19. استاد ٻولي سکيا ۾ لوڪ ادب کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڇا ڪري سگهن ٿا؟
20. توهان جي راءِ ۾ لوڪ ادب ٻارن جي ثقافتي شعور ۽ ٻوليءَ جي ترقي تي ڪهڙا اثر وجهي ٿو؟

### 10.4.2. انٽرويو(Interviews)

استادن ۽ ماهرن سان نيم ترتيب وارانٽرويو ڪيا ويا، ته جيئن تفصيلي راءِ حاصل ٿي سگهي. انٽريو دوران ڪيترائي سوال پڇيا ويا، انهن مان ڪي خاص هيٺ ڏجن ٿا:

1. توهان جي خيال ۾ لوڪ ادب (لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت) ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو؟
2. لوڪ ادب جي استعمال سان ٻارن جي لفظي ذخيري، تلفظ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن ۾ ڪهڙي قسم جي بهتري اچي ٿي؟
3. توهان پنهنجي تدريسي عمل ۾ لوڪ ادب کي ڪهڙي ريت استعمال ڪندا آهيو، ۽ ان جا ڪهڙا نتيجا سامهون آيا آهن؟
4. ٻارن جي ثقافتي شعور ۽ پنهنجي ورثي سان وابستگي پيدا ڪرڻ ۾ لوڪ ادب ڪيترو اثرائتو آهي؟
5. توهان جي راءِ ۾ جديد تعليمي نظام ۾ لوڪ ادب کي ٻولي سکيا جو حصو بڻائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن؟

### 10.4.3. مشاهدو(Observation)

هن تحقيق ۾ مشاهدي جي طريقي کي پڻ استعمال ڪيو ويو، جيئن ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ لوڪ ادب جي عملي ڪردار جو سڌو سنئون جائزو وٺي سگهجي. ان مقصد لاءِ مختلف ڪلاسن ۾ استادن جي تدريسي سرگرمين، خاص طور تي لوڪ ڪهاڻين، پرولين، چوڻين، لولين ۽ لوڪ گيتن جي استعمال جو مشاهدو ڪيو ويو.

مشاهدي دوران اهو ڏٺو ويو ته، استاد لوڪ ادب کي ڪهڙي نموني تدريس ۾ شامل ڪن ٿا، ٻار انهن سرگرمين ۾ ڪيتري دلچسپي سان حصو وٺن ٿا، ۽ انهن جي ٻڌڻ، ڳالهائڻ، سوال ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ جي صلاحيتن تي ڪهڙا اثر پون ٿا. ان سان گڏوگڏ ٻارن جي ڪلاس روم ۾ شرڪت، نون لفظن جي استعمال، ڪهاڻين کي ياد رکڻ ۽ انهن کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي صلاحيت جو به جائزو ورتو ويو.

مشاهدي مان حاصل ڪيل معلومات ذريعي اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکيا، ذهني ترقي ۽ ثقافتي شعور کي وڌائڻ ۾ ڪهڙي حد تائين مددگار ثابت ٿئي ٿو. اهڙي ريت مشاهدي جي طريقي تحقيق کي وڌيڪ معتبر ۽ حقيقتن تي ٻڌل بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

### 10.5. ڊيٽا جو تجزيو(Data Analysis)

هن تحقيق ۾ گڏ ڪيل ڊيٽا جو تجزيو موضوعاتي تجزيو (Thematic Analysis) جي طريقي سان ڪيو ويو. سوالنامن، انٽرويوز ۽ مشاهدي ذريعي حاصل ٿيل معلومات کي پهرين احتياط سان پڙهي ۽ ترتيب ڏنو ويو، پوءِ ان مان بار بار ظاهر ٿيندڙ خيالن، تجربن ۽ راءِ کي سچاتو ويو.

تجزئي جي عمل دوران ڊيٽا کي مختلف موضوعن (Themes) ۾ ورهايو ويو، جيئن ته:

- لفظي ذخيري ۽ نون لفظن جي واڌاري جو موضوع
- ٻڌڻ جي صلاحيت ۾ بهتري جو موضوع
- ڳالهائڻ جي صلاحيت ۽ ڳالهائڻ جي رواني جو موضوع
- ذهني ۽ فڪري ترقي جو موضوع
- ثقافتي شعور ۽ روايتن سان وابستگي جو موضوع
- ٻولي سکيا ۾ دلچسپي، شوق ۽ ڪلاس روم ۾ شرڪت جو موضوع

هر موضوع سان لاڳاپيل بيانن، مشاهدن ۽ جوابن کي گڏ ڪري انهن جي تشريح ڪئي وئي. ان عمل سان اهو سمجهڻ ۾ مدد ملي ته لوڪ ادب (لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت) ٻارن جي ٻولي سکيا تي ڪهڙي ريت اثر انداز ٿئي ٿو.

موضوعاتي تجزئي ذريعي نه صرف مختلف راين ۽ تجربن جي درجابندي ممڪن ٿي، پر انهن مان مشترڪ لاڙا، اهم خيال ۽ بنيادي نتيجا پڻ سامهون آيا. اهڙيءَ طرح گڏ ڪيل ڊيٽا کي منظم، معنيٰ خيز ۽ تحقيق جي مقصدن سان لاڳاپيل صورت ۾ پيش ڪيو ويو، جنهن سان تحقيق جي نتيجن جي وضاحت ۽ تشريح وڌيڪ واضح ۽ معتبر بڻجي سگهي.

## 11. تحقيق جي حدون(Limitations of the Study)

هن تحقيق جون ڪجهه حدون هي آهن:

- تحقيق صرف سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي تعليمي ماحولتائين محدود آهي.
- وقت ۽ وسيلن جي کوٽ.
- شاگردن جي راءِ ۾ فرق ۽ ذاتي تعصب جو امڪان.

- ڊجيٽل ميڊيا جي اثر کي مڪمل طور الڳ نٿو ڪري سگهجي.

## 12. اخلاقي پهلو(Ethical Considerations)

هن تحقيق دوران هي اخلاقي اصول اختيار ڪيا ويا:

- سڀني شرڪت ڪندڙن کان رضامنديورتي وئي.
- ذاتي معلومات کي راز ۾ رکيو ويو.
- شاگردن جي سڃاڻپ ظاهر نه ڪئي وئي.
- ڊيٽا صرف تعليمي مقصد لاءِ استعمال ڪئي وئي.

هن تحقيق جو طريقه ڪار اهڙي طرح ترتيب ڏنو ويو آهي، جو اهو لوڪ ادب ۽ ٻارن جي ٻولي سکيا جي وچ ۾ لاڳاپي کي سائنسي ۽ منظم طريقي سان سمجهڻ ۾ مدد ڏئي. معياري تحقيق، بياني تحقيق ۽ تشريحي تحقيق جاطريقا استعمال ڪري، حقيقتن کي گهرائي سان پرکيو ويو آهي.

## 13. تجزيو ۽ بحث: Analysis and Discussion

هي حصو تحقيق جي گڏ ڪيل ڊيٽا جي تجزيي ۽ ان جي تفصيلي بحث تي مشتمل آهي. هن مطالعي جو بنيادي مقصد اهو هو ته لوڪ ادبٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو، خاص طور تي سنڌي تعليمي ماحول ۾. گڏ ڪيل ڊيٽا (سوالنامن، انٽرويوز ۽ مشاهدي) جي بنياد تي حاصل ٿيندڙ نتيجن کي موضوعاتي انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي.

لوڪ ادب ٻارن جي لفظي ذخيري، ٻڌڻ، ڳالهائڻ، ثقافتي شعور ۽ ذهني ترقي تي مثبت اثر وجهي ٿو، جيڪو اڳين عالمي تحقيق سان به مطابقت رکي ٿو.(Isbell et al., 2004, p. 158; Cameron, 2001, p. 12)

### 13.1 لفظي واڌاري تي لوڪ ادب جو اثر(Vocabulary Development)

ڊيٽا مان واضح ٿيو ته، 78 سيڪڙو استادن جو خيال هو ته، لوڪ ڪهاڻيون ۽ پروليون ٻارن جي لفظي ذخيري کي وڌائين ٿيون. شاگردن جي مشاهدي مان به معلوم ٿيو ته، لوڪ ڪهاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ روزمره ٻولي کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ تخليقي هوندا آهن.

Vygotsky (1978, p. 86)مطابق ٻولي سماجي رابطي ذريعي سکجي ٿي، ۽ لوڪ ادب اهڙو سماجي ۽ ثقافتي وسيعو آهي جيڪو نون لفظن جي سکيا لاءِ قدرتي ماحول فراهم ڪري ٿو (Bruner (1983, p. 21. پڻ بيان ڪري ٿو ته، ڪهاڻي ذريعي ٻار نوان لفظ معنيٰ سان گڏ سکندا آهن، جنهن سان يادگيري وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿي.

تحقيق مان ثابت ٿيو ته، ورجاءُلوڪ ادب جو اهم عنصر آهي، جيڪو نون لفظن کي پختو ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.(Goswami, 2008, p. 118)

### 13.2 ٻڌڻ جي صلاحيت(Listening Skills)

مشاهدي مان ظاهر ٿيو ته، جيڪي ٻار ڪهاڻي ٻڌڻ جي سرگرمين ۾ حصو وٺن ٿا، انهن جي ٻڌڻ جي صلاحيت وڌيڪ مضبوط آهي. 82 سيڪڙو استادن ٻڌايو ته ڪهاڻي ٻڌائڻ سان ٻار وڌيڪ ڌيان سان ٻڌن ٿا.

Krashen (1985, p. 2)جي Input Hypothesis مطابق ٻار تڏهن ٻولي سکندا آهن جڏهن کين بامعنيٰ ۽ سندن فهم جي سطح مطابق ٻوليائي مواد (input)ملي. لوڪ ڪهاڻيون اهڙوٻوليائي مواد(input)مهيا ڪن ٿيون. جنهن ۾ ماحول، جذبات ۽ ورجاءُ شامل هوندو آهي(Cameron (2001, p. 12.مطابق ڪهاڻي ٻڌڻ دوران ٻار ڌيان سان ٻڌندڙ(active listeners)بڻجن ٿا، جنهن سان سندن سمجهه(comprehension)بهتر ٿئي ٿي.

### 13.3 ڳالهائڻ جي صلاحيت(Speaking Skills)

ڊيٽا مطابق 70 سيڪڙو استادن جو خيال هو ته لوڪ ادب ٻارن جي ڳالهائڻ جي صلاحيت کي بهتر بڻائي ٿو. ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ٻارن کي ٻيهر ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي سرگرمي سندنڳالهائڻ ۾ رواني ۽ سلاست کي بهتر بڻائي ٿي (Vygotsky (1978, p. 90.مطابق ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ سکيا ۾ سماجي لاڳاپن ۽ باهمي رابطي جو بنيادي ڪردار هوندو آهي. جڏهن ٻار ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ان کي پنهنجي لفظن ۾ ورجائين يا بيان ڪن ٿا، ته اهي ٻوليءَ جي پيداواري عمل (Language Production) ۾ سرگرم حصو وٺن ٿا، جنهن سان سندن ڳالهائڻ، اظهار ۽ لساني مهارتون وڌيڪ مضبوط ٿين ٿيون(Bruner (1990, p. 77.به چوي ٿو ته،بياني جوڙجڪ (Narrative Structure)ٻارن کي واقعن ۽ خيالن کي منطقي تسلسل سان پيش ڪرڻ سيکاري ٿي، جنهن سان هو مربوط گفتگو ڪرڻ جي قابل بڻجن ٿا.

### 13.4 ذهني ترقي(Cognitive Development)

تحقيق مان معلوم ٿيو ته،لوڪ ڪهاڻيون، پروليون ۽ ٻين لوڪ صنفن وسيلي ٻارن جي تخيل، تنقيدي سوچ، مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ استدلالي قوت ۾ واڌارو اچي ٿو. 74 سيڪڙو استاد ان ڳالهه سان متفق هئا ته،

پروليون(riddles) ٻارن جي سوچڻ جي صلاحيت کي تيز ڪن ٿيون. Piaget (1952, p. 34) مطابق، ٻار سکيا جي عمل ۾ سرگرم سکيا وٺندڙ هوندا آهن، ۽ هو تجربن، مشاهدن ۽ عملي سرگرمين وسيلي علم حاصل ڪندا آهن. پروليون ٻارن کي غور ۽ فڪر، تجزيو ۽ جواب ڳولڻ تي آماده ڪن ٿيون، جنهن سان سندن ذهني ۽ فڪري صلاحيتن ۾ واڌارو اچي ٿو. اهڙي عمل جي نتيجي ۾ ٻارن جي ادراڪي ترقي(Cognitive Development) مضبوط ٿئي ٿي ۽ هو مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي بهتر صلاحيت حاصل ڪن ٿا. Egan (1986, p. 42) مطابق ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان ٻارن جي تصوراتي دنيا وسيع ٿئي ٿي، جيڪا ذهني، ادراڪي ۽ تخليقي ترقيءَ لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿي.

## 13.5. ثقافتي شعور(Cultural Awareness)

ڊيٽا مان ظاهر ٿيو ته، 85 سيڪڙواستادن جو خيال هو ته، لوڪ ادب ٻارن ۾ ثقافتي سڃاڻپ پيدا ڪري ٿو. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، چوڻيون ۽ لوليون ٻارن کي پنهنجي ثقافت سان ڳنڍين ٿيون. Zipes (2012, p. 65) مطابق، لوڪ ادب ٻارن ۾ پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ سماجي سڃاڻپ بابت شعور پيدا ڪري ٿو، جيڪو ٻوليءَ جي سکيا ۽ شخصيت جي تعمير لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو.لوڪ ادبخاص طور تي ٻارن کي اخلاقي قدر، روايتون ۽ سماجي اصول سيکاري ٿو، جنهن سان هو پنهنجي سماج کي بهتر سمجهن ٿا.

## 13.6. ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ سکيا جو گڏيل اثر(Integrated Skills)

تحقيق مان معلوم ٿيو ته، لوڪ ادب رڳو ٻوليءَ جي هڪ مهارت کي ترقي نٿو ڏئي، پر اهو ٻارن جي ڪيترين ئي لساني، ذهني ۽ ثقافتي صلاحيتن جي گڏيل واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. لوڪ ادب جي ذريعي ٻارن جي ٻڌڻ جي صلاحيت، ڳالهائڻ جي مهارت، لفظي ذخيري، ادراڪي (ذهني) صلاحيتن ۽ ثقافتي سمجهه ۾ نمايان بهتري اچي ٿي.لائيٽ بائون ۽ اسپاڊا (Lightbown & Spada, 2013, p. 23) موجب، ٻولي سکڻ هڪ گڏيل ۽ مربوط عمل (Integrated Process)آهي، جنهن ۾ مختلف لساني مهارتون هڪ ٻئي سان لاڳاپيل هونديون آهن ۽ گڏجي ڪم ڪنديون آهن. ان ڪري لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکيا جي مختلف پهلوئن کي هڪ ئي وقت هٿي ڏئي، سندن مجموعي لساني ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جهڙوڪ؛ ٻڌڻ جي صلاحيت(Listening)، ڳالهائڻ جي مهارت (Speaking)، لفظي ذخيرو (Vocabulary)، ادراڪي (ذهني) صلاحيتون (Cognitive Skills)، ثقافتي سمجهه (Cultural Understanding)، ۽ گڏيل ۽ مربوط عمل / يڪجا عمل(Integrated Process)

## 13.7. جديد تعليم ۾ لوڪ ادب جي گهٽتائي(Decline of Folklore Use)

تحقيق مان ظاهر ٿيو ته، صرف 20 سيڪڙو اسڪولن ۾ لوڪ ادب باقاعده استعمال ٿئي ٿو. باقي اسڪولن ۾ ڊجيٽل ميڊيا ۽ درسي ڪتاب غالب آهن. Egan (1986, p. 42) مطابق بياني يا ڪهاڻي بنياد تدريس ٻارن جي تخيل، فڪري واڌ ويجهه ۽ گهري سکيا کي هٿي ڏئي ٿي؛ تنهن ڪري ان جي گهٽ استعمال سان ٻارن جي تصوراتي دنيا، تنقيدي سوچ ۽ گهري ادراڪ جي ترقي متاثر ٿي سگهي ٿي.

هن تحقيق جا نتيجا، اڳ ۾ ٿيل عالمي تحقيقن سان گهڻي حد تائين هم آهنگ نظر اچن ٿا. آئزبل ۽ سندس ساٿين (Isbell et al., 2004, p. 158) پنهنجي تحقيق ۾ ثابت ڪيو آهي ته، ڪهاڻي ٻڌائڻ (Storytelling) ٻارن جي لفظي ذخيري ۽ سمجهڻ جي صلاحيت (Comprehension) کي نمايان طور تي بهتر بڻائي ٿو. ساڳيءَ ريت ڪريشن (Krashen, 1985) جو مواد جي داخلا جو مفروضو (Input Hypothesis) پڻ هن تحقيق جي نتيجن جي تائيد ڪري ٿو، جنهن موجب ٻار تڏهن وڌيڪ اثرائتي نموني ٻولي حاصل ڪن ٿا، جڏهن کين بامعنيٰ ۽ سمجهه ۾ ايندڙ ٻوليائي مواد مهيا ڪيو وڃي.

تحقيق مان اهو پڻ واضح ٿيو آهي ته، لوڪ ادب هڪ جامع سکيا جو ذريعو (Holistic Learning Tool) آهي، جيڪو ٻارن جي لساني مهارتن، ثقافتي شعور ۽ ذهني ترقي کي گڏيل طور تي هٿي ڏئي ٿو. لوڪ ڪهاڻيون، پروليون، چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ گيت نه رڳو ٻولي سکيا کي آسان ۽ دلچسپ بڻائين ٿا، پر ٻارن کي پنهنجي ثقافتي ورثي، سماجي قدرن ۽ روايتن سان پڻ جوڙي رکن ٿا.

افسوس جو سنڌي تعليمي نظام ۾ لوڪ ادب جو استعمال ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي، جنهن سبب جديد تعليمي طريقن ۽ روايتي علمي ورثي جي وچ ۾ هڪ خال پيدا ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن لوڪ ادب کي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ مناسب جاءِ ڏني وڃي ته اهو ٻارن جي ٻولي سکيا، شخصيتي تعمير ۽ ثقافتي سڃاڻپ جي فروغ ۾ انتهائي مؤثر ثابت ٿي سگهي ٿو.جيڪڏهن استاد لوڪ ادب کي تدريسي عمل ۾ شامل ڪن ته ٻارن جي سکيا وڌيڪ اثرائتي ٿي سگهي ٿي.

تجزيو ظاهر ڪري ٿو ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو نه صرف لفظي ۽ لساني صلاحيتن کي وڌائي ٿو، پر ثقافتي شعور ۽ ذهني ترقي کي به هٿي ڏئي ٿو. نظرياتي ۽ عملي نتيجا گڏجي اهو ثابت ڪن ٿا ته لوڪ ادب کي جديد تعليم ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي.

# 14. نتيجا: Findings and Conclusion

هن تحقيق ۾ سوالنامن، انٽرويوز ۽ مشاهدي ذريعي حاصل ڪيل معلومات جي تجزيي مان ڪيترائي اهم نتيجا سامهون آيا، جيڪي ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ لوڪ ادب جي اثرائتي ڪردار جي تصديق ڪن ٿا.

1. لوڪ ادب ٻارن جي لفظي ذخيري کي وڌائڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. استادن جي اڪثريت جي راءِ موجب ٻار لوڪ ڪهاڻين، لولين، چوڻين ۽ لوڪ گيتن وسيلي نوان لفظ وڌيڪ آسانيءَ سان سکندا آهن، چاڪاڻتهاهيلفظبامعنيٰ۽دلچسپپسمنظر۾پيشڪياويندا آهن.
اهڙيطرحٻارنجيلفظنکيسمجهڻ،يادرکڻ۽روزمرهڳالههٻولهه۾استعمالڪرڻجيصلاحيت۾نمايانواڌاروڏسڻ۾آيو.

2. لوڪ ادب ٻارن جي ٻڌڻ جي صلاحيت کي بهتر بڻائي ٿو. جڏهن ٻار ڪهاڻيون، گيت يا لوليون ڌيان سان ٻڌن ٿا ته هو نه رڳو لفظن ۽ جملن تي ڌيان ڏين ٿا، پر انهن جي معنائن ۽ پيغام کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهو عمل سندن فهم، ڌيان ۽ يادگيريءَ کي مضبوط بڻائي ٿو.

3. لوڪ ادب ڳالهائڻ جي صلاحيت ۽ رواني جي واڌاري ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ان کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ، سوالن جا جواب ڏيڻ ۽ ڪهاڻيءَ تي بحث ڪرڻ جهڙيون سرگرميون ٻارن جي خوداعتمادي، اظهار جي قوت ۽ زباني رابطي جي مهارتن کي بهتر بڻائين ٿيون. اهڙيءَ ريت ٻار وڌيڪ مربوط، سليس ۽ اعتماد سان ڳالهائڻ سکندا آهن.

4. لوڪ ادب جي مختلف صنفن، خاص طور تي پرولين ۽ لوڪ ڪهاڻين، ٻارن جي ذهني ۽ ادراڪي ترقي تي پڻ مثبت اثر ڇڏيا. انهن سرگرمين ذريعي ٻارن ۾ غور و فڪر، تجزياتي سوچ، استدلال، مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ تخيل جي قوت ۾ واڌارو ڏٺو ويو. ڪهاڻين ۾ موجود واقعا، ڪردار ۽ اخلاقي سبق ٻارن کي سوچڻ ۽ مختلف حالتن جو جائزو وٺڻ لاءِ آماده ڪن ٿا.

5. تحقيق مان هڪ ٻيو اهم نتيجو اهو سامهون آيو ته لوڪ ادب ٻارن ۾ ثقافتي شعور ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي مضبوط بڻائي ٿو. لوڪ ڪهاڻيون، چوڻيون، گيت ۽ روايتي قصا ٻارن کي پنهنجي سماج جي قدرن، روايتن، عقيدن ۽ اجتماعي تجربن سان آشنا ڪن ٿا. ان عمل ذريعي ٻارن ۾ پنهنجي ثقافتي ورثي سان وابستگي ۽ ان جي اهميت جو احساس پيدا ٿئي ٿو.

6. بهرحال، تحقيق دوران اهو پڻ مشاهدو ڪيو ويو ته جديد اسڪولن ۾ لوڪ ادب جو استعمال محدود ٿي رهيو آهي. ڊجيٽل ذريعن جي وڌندڙ مقبوليت، نصابي دٻاءُ ۽ روايتي تدريسي طريقن کان فاصلي سبب لوڪ ادب کي تدريس ۾ اڳ جيتري اهميت حاصل نه رهي آهي. نتيجي طور ٻارن جي ٻولي سکيا ۽ ثقافتي ورثي جي منتقلي جي وچ ۾ هڪ خال پيدا ٿيڻ جو خدشو موجود آهي.

IEER

مجموعي طور هي تحقيق ثابت ڪري ٿي ته، لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکيا لاءِ هڪ جامع ۽ گهڻ رخي تعليمي وسيلو آهي. اهو نه رڳو لساني مهارتن جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ لفظي ذخيري کي فروغ ڏئي ٿو، پر ٻارن جي ادراڪي، سماجي ۽ ثقافتي ترقي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ويگوٽسڪي، پياجي، برونر ۽ ڪريشن جي نظرين جي روشنيءَ ۾ به اهو واضح ٿئي ٿو ته ٻولي سکيا هڪ سماجي ۽ ثقافتي عمل آهي، ۽ لوڪ ادب ان عمل کي بامعنيٰ، فطري ۽ اثرائتو بڻائڻ جو اهم ذريعو آهي.

ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته لوڪ ادب کي جديد تعليمي نظام جو باقاعده حصو بڻائڻ گهرجي. ڪهاڻي ٻڌائڻ، لوڪ گيتن، پرولين ۽ ٻين لوڪ صنفن کي تدريس ۾ شامل ڪرڻ سان ٻارن جي سکيا وڌيڪ دلچسپ، تخليقي ۽ اثرائتي بڻجي سگهي ٿي. ساڳئي وقت اهو عمل ثقافتي ورثي جي تحفظ، منتقلي ۽ ايندڙ نسلن تائين ان جي بقا کي پڻ يقيني بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

## 15. سفارشون:Recommendations

هن تحقيق جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ هيٺيون سفارشون پيش ڪجن ٿيون، جيئن ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ لوڪ ادب جي اثرائتي استعمال کي يقيني بڻائي سگهجي.

### 1. لوڪ ادب کي نصاب جو باقاعده حصو بڻايو وڃي

پرائمري ۽ ابتدائي تعليم جي نصاب ۾ لوڪ ڪهاڻين، پرولين، لولين، چوڻين ۽ لوڪ گيتن کي مناسب جڳهه ڏني وڃي. اهڙي مواد کي درسي ڪتابن ۽ تدريسي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ سان ٻارن کي ٻولي سکڻ جا فطري ۽ دلچسپ موقعا ملندا. ان سان گڏ ٻارن ۾ پنهنجي ثقافت ۽ روايتن بابت ڄاڻ ۽ دلچسپي پڻ وڌندي.

### 2. استادن جي پيشاورانا تربيت جو اهتمام ڪيو وڃي

استادن لاءِ اهڙا تربيتي پروگرام منعقد ڪيا وڃن، جن ۾ کين ڪهاڻي ٻڌائڻ، لوڪ ادب جي تدريسي استعمال ۽ ٻارن جي سرگرم شموليت وارن طريقن بابت سکيا ڏني وڃي. جڏهن استاد لوڪ ادب کي اثرائتي انداز سان استعمال ڪرڻ جي مهارت حاصل ڪندا ته ٻولي سکيا جو عمل وڌيڪ ڪارائتو ۽ دلچسپ بڻجي سگهندو.

### 3. سرگرم ۽ شموليتي تدريس کي هٿي ڏني وڃي

ڪلاس روم ۾ روايتي ليڪچر واري طريقي سان گڏ ڪهاڻي ٻڌائڻ، رول پلي(Role Play) ، گروهي بحث، سوال جواب ۽ تخليقي سرگرمين کي فروغ ڏنو وڃي. اهڙيون سرگرميون ٻارن جي ٻڌڻ، ڳالهائڻ، سوچڻ ۽ اظهار جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون.

### 4. ڊجيٽل ذريعن وسيلي لوڪ ادب کي فروغ ڏنو وڃي

جديد دور جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، سنڌي لوڪ ادب تي ٻڌل ڊجيٽل آڊيو، وڊيو ۽ آن لائين مواد تيار ڪيو وڃي. لوڪ ڪهاڻين، گيتن ۽ پرولين کي موبائل ايپليڪيشنن، ويب سائيٽن ۽ سوشل ميڊيا پليٽفارمن ذريعي ٻارن تائين پهچايو وڃي، جيئن روايتي علم جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ ٿي سگهي.

### 5. والدين جي فعال شموليت کي يقيني بڻايو وڃي

ٻارن جي ٻولي سکيا ۾ والدين جو ڪردار انتهائي اهم آهي. والدين کي ترغيب ڏني وڃي ته، هو گهر ۾ ٻارن کي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائن، لوڪ گيت ڳائن ۽ روايتي قصن تي گفتگو ڪن. اهڙي عمل سان ٻارن جي ٻولي سکيا، تخيل ۽ ثقافتي شعور کي وڌيڪ مضبوط بنياد ملي سگهندو.

### 6. اسڪولن ۾ لوڪ ادب تي ٻڌل سرگرمين جو اهتمام ڪيو وڃي

اسڪولن ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ جا مقابلا، لوڪ گيتن جون محفلون، پرولين جا پروگرام ۽ ثقافتي ڏينهن منعقد ڪيا وڃن. اهڙيون سرگرميون ٻارن ۾ اعتماد، تخليقيت ۽ ٻوليءَ جي استعمال جي مهارتن کي وڌائڻ ۾ مدد ڏينديون.

### 7. وڌيڪ ۽ وسيع تحقيق جي ضرورت

هن موضوع تي مختلف عمر جي گروهن، مختلف ٻولين ۽ مختلف علائقن جي ٻارن تي وڌيڪ تحقيق ڪئي وڃي. خاص طور تي سنڌي لوڪ ادب جي مختلف صنفن جي لساني، ادراڪي ۽ ثقافتي اثرن بابت تفصيلي مطالعا ڪيا وڃن، جيئن مستقبل ۾ وڌيڪ جامع ۽ قابلِ اعتماد نتيجا حاصل ٿي سگهن.

## آخري ڳالهه(Final Note)

لوڪ ادب ٻارن جي ٻولي سکيا لاءِ هڪ فطري، ثقافتي ۽ اثرائتو ذريعو آهي. اهو نه رڳو ٻارن جي لساني مهارتن کي ترقي ڏئي ٿو، پر سندن ذهني، سماجي ۽ ثقافتي واڌ ويجهه ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جيڪڏهن لوڪ ادب کي جديد تعليمي طريقن سان گڏجي استعمال ڪيو وڃي ته اهو ٻارن جي سکيا کي وڌيڪ بامعنيٰ، دلچسپ ۽ مؤثر بڻائي سگهي ٿو. ساڳئي وقت اهو اسان جي ثقافتي ورثي جي تحفظ، واڌاري ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقلي لاءِ پڻ هڪ مضبوط وسيلو ثابت ٿي سگهي ٿو.

## Referencesحوالا


Bruner, J. (1983). *Child’s talk: Learning to use language*. Oxford University Press.

Bruner, J. (1990). *Acts of meaning*. Harvard University Press.

Cameron, L. (2001). *Teaching languages to young learners*. Cambridge University Press.

Egan, K. (1986). *Teaching as storytelling: An alternative approach to teaching and curriculum in the elementary school*. University of Chicago Press.

Goswami, U. (2008). *Phonological development and reading*. Routledge.

Isbell, R., Sobol, J., Lindauer, L., & Lowrance, A. (2004). The effects of storytelling and story reading on children's language development. *Early Childhood Education Journal, 32*(3), 157–163. https://doi.org/10.1023/B:ECEJ.0000048968.40103.05

Krashen, S. D. (1985). *The input hypothesis: Issues and implications*. Longman.

Lightbown, P. M., & Spada, N. (2013). *How languages are learned* (4th ed.). Oxford University Press.

Piaget, J. (1952). *The origins of intelligence in children*. International Universities Press.

Vygotsky, L. S. (1978). *Mind in society: The development of higher psychological processes*. Harvard University Press.

Zipes, J. (2012). *The irresistible fairy tale: The cultural and social history of a genre*. Princeton University Press.